MONTHLY WAIJ KARACHI

ABC CERTIFIED

وڃُ ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سَکيو ٿين (شاهہ)

ماهوار
# ويڄ
ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT

# ذهني مرضن بابت ڄاڻ



# پرچيز ڊپارٽمينٽ

## اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي- ڪراچي

## ڪٽلپ ٽينڊر نوٽيس

هيٺ ڄاڻايل ٽينڊر جي سڏ بدلي هيٺ ڏيکاريل اسٽورس جي سپلاءِ لاءِ مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

ٽينڊر، هر ٽينڊر سامهون ڏيکاريل تاريخ تي صبح جو 11 وڳي تائين وصول ڪيا ويندا ۽ 30-11 وڳي صبح جو اهڙن ٽينڊر پريندڙن اڳيان کوليا ويندا، جيڪي اتي موجود هئڻ گهرندا. ٽينڊر مقرر ڪيل ٽينڊر فارمن تي جمع ڪرائڻ گهرجن، جيڪي هن يونيورسٽي جي ڪيشيئر وٽان لکت ۾ ڏنل عريضي سان گڏ هر ٽينڊر سامهون ڄاڻايل ٽينڊر في ڀرڻ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر ڊاڪيومنٽس مقرر ڪيل ٽينڊر في سان اضافي =/30 روپيا پوسٽل چارجز موڪلي، پوسٽ آفيس ذريعي پڻ حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ٽينڊر مٿي ڄاڻايل ائڊريس تي پرچيز آفيسر کي ائڊريس ڪرڻ گهرجن. ڪنهن به گڙٻڙ جي حالت ۾ ٽينڊر مقرر ڪيل شيڊول جي ايندڙ ڏينهن تي کوليا ويندا.

هيٺ ڄاڻايل ڪنهن به سبب ٻڌڻ بغير ڪنهن به هڪ يا مڙني ٽينڊرن کي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

| جريان نمبر | انويٽيشن ٽو ٽينڊر نمبر | اسٽور | ڳهربل تعداد/ڪٽيل رقم | کلڻ جي تاريخ | ٽينڊر في |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | ENGG/5320 | يونيورسل ٽول روم ملنگ مشين | 4,00,000/= | 5.11.96 | 200/= روپيا |
| 2 | ENGG/5243 | فائونڊري ائنڊ سمٿي ميٽيريلس | 0,46,800/= | 5.11.96 | 50/= روپيا |
| 3 | FOAM/5467 | پولي يوريٿين فومس | 0,61,440/= | 5.11.96 | 50/= روپيا |
| 4 | SW/5411 | نوول نيٽويئر 4.1 آپريٽنگ سسٽم فار 25 يوزر | 01 عدد | 6.11.96 | 100/= روپيا |
| 5 | ENGG/5318 | آرم اسپاٽ ويلڊر | 1,75,000/= | 6.11.96 | 100/= روپيا |
| 6 | C.TOOLS/5253 | ڪٽنگ ٽولس | 0,67,747/= | 6.11.96 | 50/= روپيا |
| 7 | HW/5515 | انٽيليجنٽ هوسٽ ڪارڊ | 0,29,300/= | 6.11.96 | 50/= روپيا |
| 8 | SW/5532 | انجنيئرنگ سافٽ ويئر | 0,48,000/= | 6.11.96 | 50/= روپيا |
| 9 | COMP/5425 | انٽيل پينٽم 133MHZ يا مٿيون C.A.D ورڪ اسٽيشن 100MIPS، انڪ جيٽ ڪلر پرنٽر ۽ ليزر پرنٽر | 1، هر هڪ | 5.11.96 | 200/= روپيا |
| 10 | ELECT/5371 | امپلس وولٽ ميٽر | 3,25,000/= | 5.11.96 | 200/= روپيا |
| 11 | MISC/5557 | ڪليئرنگ ائٽمس | 0,56,437/= | 5.11.96 | 50/= روپيا |

(صرف رجسٽرڊ فرمون)

صحيح
ڊائريڪٽر فنانس
اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽
ٽيڪنالاجي، ڪراچي

آءِ. اين. ايف/ڪي. آر. واءِ- 2925/96

# ايڊيٽوريل

## ڏيئي جي پاڙ ۾ اونده

اسان وٽ صحت جون سهولتون پهچائيندڙ ۽ صحت جون سهولتون حاصل ڪندڙ، ٻئي ڌريون ڪنهن هڪ خاص سطح تي اچي صحت جي سهولتن ڪان محرم تي وڃن ٿيون. صحت جون سهولتون حاصل ڪندڙن جون دانهون ته هر وقت هرڪنهن ڪي ٻڌڻ ۾ اينديون آهن، پر صحت جون سهولتون پهچائيندڙن جي حال تي به سوچڻ ضروري آهي. هن طبقي ۾ ڊاڪٽرن ڪان وٺي ڊسپينسر ۽ لوئر اسٽاف تائين سڄي جو سڄو صحت پهچائيندڙ عملو اچي وڃي ٿو. ڊاڪٽر هجي يا ڊسپينسر، نرس هجي يا ٽيڪنيشن هر هڪ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي صحت جي سهولتن ڏيڻ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو ۽ انهن اهم حيثيت رکندڙن ڪي جڏهن به پنهنجي ذاتي يا گهر وارن جي بيماري بڙي جو مسئلو سامهون اچي ٿو ته سندن حالت رحم جوڳي هوندي آهي. هڪ طرف ته انهن جي پگهار سرڪاري گريڊن مطابق محدود هوندي آهي، ته ٻئي طرف اهي سيئي سڳورا خانگي پريڪٽس جو مزو به ماڻي نه سگهندا آهن. ڪيترائي اهڙا ڊاڪٽر، ڊسپينسر، نرسون، ٽيڪنيشن ۽ خاص ڪري اسپتالن جو ٻيو لوئر اسٽاف، جن جو گذارو سڪي پڪي سرڪاري پگهار تي هوندو آهي ۽ انهن جو ٻيو ڪو معاشي ذريعو نه هوندو آهي، سيئي صحت جي سرڪاري سهولتن ڪان محروم آهن.

جڏهن ته ڪيترن ئي سرڪاري ادارن/آرگنائيزيشنس وغيره جي آفيسرن ڪان وٺي چپراسين تائين جيڪي به فرد هوندا آهن انهن ڪي جيڪي علاج معالجي جون سهولتون حاصل آهن، سي ڪنهن ڪان ڳجهيون نه آهن. ڪين او. پي. ڊي ڪان وٺي وڏين وڏين اسپتالن ۾ داخلا توڙي ٽيسٽن ويندي وڏين وڏين سرجيڪل آپريشن ڪرائڻ تائين جون سهولتون سندن ادارن پاران حاصل هونديون آهن، پر انهن جي مقابلي اسان وٽ صحت جي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ عملي توڙي ڊاڪٽرن ڪي سندن ۽ خاندان جي فردن جي علاج معالجي جي اهڙي سرڪاري سطح تي ڪابه سهولت حاصل ڪونه آهي. وڏن شهرن ۾ نالي ماتر سروسز اسپتالون موجود آهن، پر انهن ۾ به سهولتن جو معيار انتهائي اٽپورو ۽ گهٽ آهي. باقي ننڍن ڳوٺن/شهرن توڙي ڪيترن ئي ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ ته سروسز اسپتالن جو به تصور ئي ڪونهي. هاڻي اهو عملو جيڪو وڏا شهر ڇڏي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ صحت جون سهولتون پهچائي ٿو، تنهن ڪي شايد اها اضافي سزا ڏني تي وڃي.

اسان وس وارن ڪي اها التجاء ۽ ڪائنئ گهر ڪنداسون ته صحت جي سهولتن پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عملي توڙي ڊاڪٽرن ڪي دوائن ۽ علاج معالجي جي ٻين سهولتن لاءِ خاص پيڪيج هيٺ سهولتون ڏنيون وڃن، نه ته انهي صورتحال ڪي "ڏيئي جي پاڙ ۾ اونده" جي برابر ليکيو ويندو.

**"ادارو"**

# پاڪستان ۾ ماحولياتي قانون سازي: اميدون ۽ خدشا

**ماحول جي تحفظ جو مجوزه قانون تياري جي آخري مرحلن ۾ آهي جيڪو تحفظ ماحوليات جي صدارتي فرمان 1983 جي جاءِ والاريندو.**

ليکڪا: راشده دوحد ـــــ سنڌيڪار: علي مرتضيٰ ڌاريجو

پاڪستان ۾ ماحول جي بقا لاءِ، قانون سازي جي مسئلي تي، انجي تاريخي ۽ وقتي حساب سان غور و فڪر ڪرڻ ضروري آهي. قدرتي وسيلن جي استعمال ۽ انهن جي محدود استعمال ڪرڻ بابت، اهڙا قانون اڳ ۾ موجود آهن. اهڙن پراڻن قانونن مان ڪي قانون ته پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان به اڳ جا آهن جيڪي اسانجي سرزمين تي بيٺڪي دور واري حڪومت جا يادگار آهن. مثال طور فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ۽ فيڪٽريز ايڪٽ 1934 ۾ نافذ ٿيا هئا. انهن ٻنهي قانونن ۾ قدرتي وسيلن جي استعمال ۽ ڪارخانن مان پيدا ٿيندڙ غلاظت جهڙن پهلوئن کي ڌار ڌار الڳ الڳ ڪاتن جو درجو ڏنو ويو آهي پر قدرتي وسيلن جي ضروري يا مجموعي اهميت، انهن جي مجموعي ماحولياتي سرشتي سان مربوط تعلق ۽ معاشري تي پوندڙ انهن جي اثرن جو تمام گهٽ حوالو ڏنو ويو آهي. جتوڻيڪ نظرياتي لحاظ کان، انهن قانونن جو اطلاق جهنگلي جيوت ۽ لاڳاپيل آبادين طرفان جهنگلي جيوت جي انتظام ۽ استعال تي ٿي نٿو سگهي. انهن قانونن پٽاندڙ، انهن قدرتي ذريعن جي ملڪيت ۽ انتظام ٻنهي جو واسطو رياست سان آهي ۽ قدرتي ذريعن کي بنيادي طور تي رڳو اقتصادي ۽ معاشي نوعيت جا ذريعا تصور ڪيو ويو ٿو. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته فاريسٽ ايڪٽ پٽاندڙ نه ته ٻيلن/جهنگلن جي ڪا ماحولياتي حيثيت آهي ۽ نه ئي ان جي ذريعن ۽ وسيلن کي بنيادي طور تي استعمال ڪندڙن يعني مقامي ۽ لاڳاپيل آبادين جو ان جي انتظام ۾ ڪو دخل ٿي سگهي ٿو. ان طرح سان موجوده فاريسٽ ايڪٽ 1927 رڳو نو آبادياتي طرز فڪر جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ به ان قانون ۾ گهربل ترميمون ڪيون ويون آهن.

بهرحال پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ ان سلسلي ۾ ڪجهه قانون سازي ضرور ٿي آهي ۽ انهن قانونن مان قدرتي وسيلن جي مجموعي حياتياتي نظام جي اهميت جي اقرار جي جهلڪ ملي ٿي. انهن قانونن پٽاندڙ جهنگلي حيات جي تحفظ جا صوبائي قانون شامل آهن. پاڪستان ۾ ماحول جي بقا لاءِ سڀ کان اڳ ۾ قانون سازي 1983 ۾، تحفظِ ماحول جي صدارتي فرمان جي صورت ۾ ڪئي ويئي.

ماضي ۽ حال جي انهن قانونن ۾ ڪنهن حد تائين اهڙيون هڪ جهڙيون خلاف ورزيون ڪندڙن کي سزا ڏيڻ جا قلم موجود آهن. جڏهن ته ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته انهن قانونن کي ماحول جي بقا لاءِ عمل جوڳي طريقه ڪار تشڪيل ڏيڻ جي ذريعي طور به استعمال ڪيو وڃي.... پر اسانجي نئين قانون ۾ اهو عنصر اڃان تائين اُڀري نه سگهيو آهي.

ان پس منظر سان گڏ پاڪستان ۾، ماحول جي تحفظ لاءِ قانون سازي جو جائزو وٺڻ گهٽو ڏکيو ڪم آهي، جنهن جو سبب هيءُ آهي ته، پهرين ته توهانکي موجوده ڪاتي وار قانونن کي مربوط ڪرڻ جي جوازن ۽ فائدن جو جائزو وٺڻو پوندو ۽ ٻيو ته انهن قانونن کي ماحول جي بقا لاءِ عمل جوڳي طريقه ڪار کي چٽن ذريعن طور استعمال جي امڪانن تي غور ڪرڻو پوندو.

1992 ۾ ماحوليات جي وفاقي وزارت آءِ يو سي اين پاڪستان کي ان ڳالهه جي گذارش ڪئي ته اها پاڪستان جي موجوده ماحولياتي قانون جي جائزي وٺڻ ۽ انهن کي جديد گهرجن مطابق بڻائڻ ۾ سهڪار ڪري. جنهن جي موٽ ۾ آءِ يو سي اين پاڪستان جي قانوني ماهر پرويز حسن، ڪائراس ڪابڙاجي، زاهد حامد، زين شيخ ۽ ماحوليات جي وفاقي وزارت جي نمائندن وچ ۾ مذاڪرن جي شروعات ٿي ۽ ان ڳالهه تي اتفاق راءِ ٿي ته هڪ اهڙي مڪمل ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل قانون سازي ٿيڻ گهرجي، جنهن هيٺ پائدار ترقي جي لاءِ قومي حڪمت عملي (NCS) جي نظرياتي مقصدن جي تڪميل ۾ مدد ملي ۽ ان مطابق قانونن جي دائريڪار جو تعين، انهن تي عمل ڪرڻ جو بندوبست ۽ نگراني جا اهڙا انتظام ڪيا وڃن جيڪي ملڪ ۾ هڪ صاف ستري ۽ صحتمند معاشري جي تشڪيل لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن کي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت مهيا ڪري سگهن.

اهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آءِ يو سي اين پاڪستان، هڪ اهڙي طريقي ڪار اختيار ڪرڻ جي رٿ ڏني جيڪو مرحلي وار اڳتي وڌندڙ آهي. آءِ يو سي اين جي رٿ مطابق پهرئين مرحلي ۾ اهو

سمجهندي ڪم شروع ڪيو ويو ته پاڪستان جا موجوده ماحولياتي قانون، گهٽي ياگهٽي اهڙا آهن جن کي مناسب چئي سگهجي ٿو ۽ انهن ۾ ڪنهن ترميم يا تنسيخ ڪرڻ ڪانسواءِ عمل ڪري سگهجي ٿو. نه رڳو ايترو پر ترجيحي بنيادن تي، پاڪستان جي ماحولياتي تحفظ جي آرڊيننس 1983 کي عمل ۾ آندو ويو. (1992 تائين اهو قانون ان سبب غير موثر رهيو جو هن قانون جي نافذ ڪرڻ لاءِ گهربل ضروري ضابطا ۽ اصول مقرر نه ڪيا ويا هيا) قانون تحفظ ماحول 1983 ۾ ڪن اوڻائين هجڻ باوجود، ماحول جي سلسلي ۾ اهو هڪ اهڙو واحد ضابطه قانون آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ماحول جي تحفظ جا سرڪاري ادارا (EPAs) وجود ۾ آيا ۽ اهي هن قانون تي عمل ڪرڻ جا ذميوار آهن. ان ڪانسواءِ هن قانون هيٺ، نين صنعتن لاءِ، "ماحولياتي اثرجي ڪٿ" (Environment Impact Assessment) کي پهريون دفعو قانوني ضرورت قرار ڏنو ويو.

ٻئي مرحلي لاءِ، آءِ يو سي اين

## مجوزه تحفظ ماحوليات ايڪٽ جون اهم خاصيتون

- ايڪٽ جو اطلاق هوائي، آبي، زميني ۽ آوازي گدلاڻ (موٽر گاڏين مان خارج ٿيندڙ غلاظتن سميت) هاجيڪار مادن کي منهن ڏيڻ سان گڏوگڏ مختلف قسمن جي جاندارن جي بقا لاءِ هوندو.
- ان ۾ ماحوليات، ماحول جي مضر اثرن، جاندارن جي قسمن، رٿابندي ۽ پائدار ترقي جي تصور جون جامع وصفون ڏنيون ويون آهن.
- ان ڳالهه جي وضاحت ڪئي ويئي آهي ته، پاڪستان جي ماحولياتي تحفظ جي ڪائونسل قومي ماحولياتي پاليسين جي منظوري ڏيندي جيڪي وفاقي حڪومت پاران وقت به وقت منظور ٿيندڙ قومي حڪومت عملي پاران پائدار ترقي جي دائري ڪار اندر تشڪيل ڏنيون ويندريون.
- ماحول جي تحفظ جي صوبائي ادارن کي به قانوني تحفظ مهيا ڪيو ويو آهي.
- موزون منصوبن لاءِ مالي مدد ڏيڻ لاءِ صوبائي پائدار ترقي جي لاءِ فنڊ قائم ڪيا ويا آهن.
- قومي ماحوليات جي معياري صورتحال (اين اِي ڪيو ايس) يا اهڙا ٻيا معيار جيڪي پاڪستان جي ماحولياتي تحفظ جي اداري (پي اي پي اَي) پسگردائي جي حالتن جي مناسبت سان مقرر ڪيا هجن انهن کي وڌيڪ نيڪال يا اخراج ڪرڻ جي منع ڪئي آهي.
- مجوزه منصوبن جي مناسب ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ ٻن مرحلن تي مشتمل، طريقي ڪار متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ ابتدائي ماحولياتي معائنو (آءِ اِي اِي) ۽ جتي، رٿا تي عمل ڪرڻ سان ماحوليات تي مضر اثرن پوڻ جو انديشو هوندو اتي ماحولياتي اثرن جي تشخيص/ڇنڊڇاڻ ڪرڻ شامل آهي.
- خطرناڪ قسمن جي تصنيفات/فضلات جي درآمد تي پابندي هنئي ويئي آهي.
- ليسن ڪانسواءِ خطرناڪ قسمن جي تصنيفات/فضلات جي مٽ سٽ ڪرڻ تي به پابندي هنئي ويئي آهي.
- ماحوليات جي معياري صورتحال تي عمل ڪرائڻ لاءِ پاڪستان جي ماحولياتي تحفظ جي اداري (پي اِي پي اِي) کي اختيار ڏنو ويو آهي ته اهو موٽر گاڏين ۾ گدلاڻ ختم ڪندڙ اوزارن هٽائڻ يا اهڙي ٻارڻ جي استعمال ڪرڻ جو حڪم ڏئي جيڪو گدلاڻ جو ڪارڻ نه بڻجي.
- هن ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪرڻ جي نتيجي ۾ ماحوليات کي پيش ايندڙ ڪنهن به حقيقي يا امڪاني مضر اثرن سان منهن ڏيڻ لاءِ پي اِي پي اِي کي اختيار ڏنو ويو آهي ته اهو ماحولياتي تحفظ واسطي حڪم جاري ڪري.
- ماحولياتي ٽربيونل جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي جنهنکي هن ايڪٽ تحت، سنگين ڏوهه ڪندڙن خلاف انهن جي شرڪت ڪانسواءِ ڪيس ٻڌڻ جوا ختيار هوندو. جڏهن ته موٽر گاڏين مان خارج ٿيندڙ گدلاڻ ۽ اهڙن قاعدن ۽ ضابطن جي خلاف ورزي جهڙن ننڍن ڏوهن جا ڪيس ماحولياتي مئجسٽريٽ ٻڌندا ۽ هلائيندا.
- جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جي ڪا شڪايت هوندي ته اهو اداري کي ٽيهن ڏينهن جو نوٽيس ڏئي ٽربيونل آڏو ان جي صفائي پيش ڪري سگهي ٿو.
- خلاف ورزي ڪندڙن لاءِ سزائون مقرر ڪيون ويون آهن ۽ انوائرنمينٽل ٽربيونل ۽ انوائرنمينٽل مئجسٽريٽن کي اختيار ڏنو ويو آهي ته اهي هرجاڻي/نقصان جي پورائي جو حڪم جاري ڪن. ٽربيونل کي ڏوهاري کان مالي فائدي جي وصوليءَ جو به اختيار حاصل هوندو.
- وفاقي حڪومت کي ان ڳالهه جو حقدار بڻايو ويو آهي ته اها اهم بين الاقوامي معاهدن جنهن جو پاڪستان به ميمبر هوندو، انهن جي لاڳو ڪرڻ لاءِ ضرور قاعدا ۽ ضابطا مرتب ڪري.

پاڪستان اها رٿ ڏني ته، ماحول جي تحفظ قانون 1983 کي پاڪستان جي مستقبل جي پائدار ترقي جي قومي حڪمت عملي (NCS) جون موجوده ضرورتون پوريون ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي. اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اها رٿ پيش ڪئي وئي ته، ماحول جي بقا لاءِ هڪ اهڙو نئون قانون مرتب ڪيو وڃي جيڪو 1983 جي قانون ۾ قدرتي ماحول جي اثر ۾ واڌاري جي ضرورتن ۽ گدلاڻ تي ضابطو رکڻ لاءِ ٻين ضروري اپائن کي موثر بڻائڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ۽ مختلف قانوني نقطن کي واضح طور تي پيش ڪري. آءِ يو سي اين- پاڪستان ان مرحلي لاءِ اهو به واضح ڪيو ته، ان تجويز ڪيل نئين قانون کي 1983 جي آرڊيننس جو نعم البدل نه بڻايو وڃي.

نئين مرحلي لاءِ آءِ يو سي اين- پاڪستان جي رٿ هئي ته، ماحوليات جي باري ۾، ماضيءَ جي سڀني اهڙن قانونن جو جائزو وٺي، انهن سڀني قانونن کي پاڻ ۾ مربوط ڪيو وڃي ۽ اهو به ته ان باري ۾ صوبائي حڪومتن کي بنيادي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

اهڙي طرح سان 1992 ۾ جنهن ڪم جي شروعات ڪئي وئي هئي اهو آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيو آهي. آگسٽ 1993 ۾ "ماحوليات جي معياري درجيبندي" (Environmental Quality Standards) جو اعلان ۽ اجرا ٿيو جنهن سبب 1983 جو آرڊيننس اڃان به وڌيڪ موثر ٿي ويو ۽ هاڻ ماحول جي تحفظ لاءِ جيڪو نئون ايڪٽ مرتب ڪيو پيو وڃي اهو آخري مرحلن ۾ آهي. ساڳئي طرح سان سرحد صوبي جي حڪومت به لاڳاپيل کاتن جي قانونن کي پاڻ ۾ مربوط ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ ٻيون صوبائي حڪومتون سرحد صوبي جي پيروي ڪري رهيون آهن.

جتي حڪومت کي ماحول جي بقا جي قانونن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي شديد گهرج آهي، اتي قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ موثر ۽ بااختيار ادارن جي به ضرورت آهي ۽ جيستائين قانونن تي عمل ڪرائيندڙ بااختيار ۽ موثر ادارا وجود/تحرڪ ۾ نه ايندا تيستائين قانون جي حيثيت انهن ڪاڳرن کان وڌيڪ نه هوندي جن تي رڳو لک پڙهه جو ڪم ڪيو ويندو آهي.

تنهنڪري قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ موثر مشينري جو وضع ڪرڻ قانون سازي کان گهٽ اهميت وارو ڪم ناهي. ماضيءَ ۾ ان ضرورت تي ڪجهه خرچ به ڪيو ويو ۽ نوان تجربيگاهه تيار ڪيا ويا ڪيترا اوزار ۽ مشينري به خريد ڪئي وئي ته عملو به ڀرتي ڪيو ويو

## گدلاڻ جي روڪ لاءِ هڪ جامع قانون

مجوزه قانون 1983 جي ماحولي آرڊيننس جي ڀيٽ ۾ ڪيترن پهلون کان هيءَ هڪ بهتر قانون هوندو. جو ته هن قانون ۾ انهن اوڻاين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيڪي 1983 جي قانون ۾ رهجي ويون هيون. جهڙوڪ: ماحولياتي اثر جي ڪٿ (EIA) جي شق هيٺ حڪومت کي هڪ اعلان رستي اها ڳالهه مقرر ڪرڻي هئي ته ڪهڙين صنعتن يا منصوبن تي اهو لاڳو ٿيندو. جڏهن ته اهو فيصلو ڪڏهن به نه ڪيو ويو هو. ساڳئي طرح سان ان وقت پائدار ترقي جو تصور به موجود نه هيو. پر 1992 ۾ جڏهن ان وقت جي ڪابينه، پاڪستان جي پائدار ترقي جي قومي حڪمت عمليءَ (NCS) جي منظوري ڏني ته ان تصور کي وڌيڪ مقبوليت حاصل ٿي ۽ مجوزه ايڪٽ ۾ ان کي قانوني تحفظ ڏنو ويو آهي.

جيستائين ان ايڪٽ جي جامع يا مڪمل هجڻ جو سوال آهي ته ماحول (environment) هڪ گهڻو وسيع اصطلاح آهي، جڏهن ته 1983 جو آرڊيننس ۽ مجوزه ايڪٽ، ٻئي رڳو گدلاڻ ۽ ان جي سدباب تي وڌيڪ زور ڏين ٿا ۽ زراعت، جهنگلات/ٻيلن ۽ زمين جي استعمال وغيره جهڙن موضوعن کي ذمري ۾ نٿا آڻن انڪري ان معنيٰ ۾ انهن کي مڪمل قانون چئي نٿو سگهجي. پر ان کي غير شاداب يا برائون قانون (brown laws) سڏي سگهجي ٿو. البت اهو چئي سگهجي ٿو ته ماحول جي ان هڪ پهلوءَ يعني گدلاڻ جي روڪ لاءِ هو نسبتاً هڪ جامع قانون آهي.

اهو خدشو ته مجوزه قانون جو غلط استعمال ٿيندو اجايو ۽ بي بنياد آهي. جڏهن ته ڪنهن به قانون جو غلط استعمال ڪري سگهجي ٿو، نه رڳو ايترو پر پاڪستان جي گذريل تاريخ تي هڪ نظر وجهڻ سان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته سڀ کان وڌيڪ غلط استعمال انڪم ٽيڪس جي قانون جو ٿيو آهي. پر ان جو اهو مطلب به هرگز ناهي يا ان مان اهو جواز نٿو ملي ته انڪم ٽيڪس جو قانون ئي ختم ڪري ڇڏجي. جڏهن ته مجوزه ماحولي قانون ۾ ان قسم جي خدشن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

ساڳئي طرح سان شهري حقن تي اثر پوڻ جي حوالي سان به هن قانون ۾ حتي الامڪان ڪوشش ڪئي وئي آهي ته جيئن انهن حقن جي خلاف ورزي جو امڪان باقي نه رهي. جڏهن ته ورلي حالتن ۾ معاشري جي بهتر مفاد خاطر ڪي شهري حق وقتي طور تي متاثر به ٿي پوندا آهن. ان لحاظ کان ٻين قانونن جي باري ۾ به اهو ئي موقف اختيار ڪري سگهجي ٿو. جيڪو اصل ۾ بي بنياد آهي.

(ڪائرس ڪاٻڙاجي، ماهر قانون)

پر اهي سبب بہ، قانون تي عمل ڪرائڻ واري ڳالهہ کي موثر بڻائي نہ سگهيا. جيتوڻيڪ ان حقيقت کان بہ انڪار ڪري نٿو سگهي تہ قانون تي موثر طرح سان عمل ڪرائڻ لاءِ انهن ڳالهين جي بہ ضرورت پوي ٿي جڏهن تہ انهن سيني کان وڌيڪ جنهن ڳالهہ جي ضرورت پوي ٿي اها آهي قانون نافذ ڪرڻ ڪانپوءِ ان تي موثر طريقي سان عمل ڪرائڻ لاءِ نون ۽ ڀرپور طريقن جي ڳولا ڪرڻ. جو تہ قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي صورت ۾ ڪنهن کي رڳو سزا ڏيڻ ڪافي ناهي، پر سزا ڏيڻ کان وڌيڪ بهتر اهو ٿي ٿي سگهي ٿو تہ مجوزه قانون کي ماحول جي تحفظ ۽ ترقي جو وسيلو بڻايو وڃي..... ۽ قانون مرتب ڪرڻ دوران ان تي موثر طريقي سان عمل ڪرائڻ جي مقصد کي آڏو رکيو وڃي. قانونن تي موثر طريقن سان عمل ڪرائڻ جي طريقن کي بهتر بڻائڻ جا موقعا، قانون سازيءَ جا مختلف مرحلا فراهم ڪن ٿا. روايتي طور تي قانون سازي جي مخصوص دائريڪار ۾ شراڪتي بنياد تي قانون سازيءَ جو عمل بهتر قانون ۽ ان تي موثر عمل جهڙين بنهي ڳالهين کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. تحفظ ماحول جي نئين قانون جي مسودي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ان جي ترتيب ۽ تحرير بنهي ۾ انهيءَ ڀرپور عمل کي استعمال ۾ آندو ويو آهي، يعني تہ ان لاءِ عوام جي مختلف طبقن سان بہ صلاح مشورو ڪيو ويو آهي. ان قسم جو هڪ ٻيو مثال جيڪو ايترو سگهارو ناهي اهو 1984 جو ڪمپنيز ايڪٽ آهي. جنهن جي تياريءَ ۾ پڻ عوامي طبقن کان راءِ ورتي ويئي، جنهن جو وڏو فائدو ٿيو. شروعاتي مرحلن ۾ ئي، ماحولياتي قانون سازي جي عمل ۾ عوامي طبقن جي راءِ وٺڻ جو پرجوش

## مجوزه قانون ۾ غير سرڪاري تنظيمن لاءِ امڪان

غير سرڪاري تنظيمن (NGO) جي ڪمن کي اڳتي وڌائڻ ۾ مجوزه قانون ڪافي حد تائين مددگار ثابت ٿيندو ۽ غير سرڪاري تنظيمن کي ماحول جي گدلاڻ تي دسترس حاصل ڪرڻ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ مدد ملي سگهندي. جڏهن تہ هن قانون ڪانسواءِ اين جي اوز کي اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ حڪومت غير سرڪاري تنظيمن جي سرگرمين کي ڪيتريءَ حد تائين اڳتي وڌائڻ لاءِ تيار آهي ۽ گذريل سال حڪومت ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي وچ ۾ اين جي او- بل تي پيدا ٿيل ڇڪ ڇڪان ڪيتري حد تائين گهٽ آهي. جيڪڏهن حڪومت ڪو اهڙو قانون لاڳو ڪيو، جنهن رستي اين جي اوز جي سرگرمين کي بنا ڪنهن سبب جي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ پاڪستان انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 1995 تي عمل ڪرڻ جي حوالي سان اين جي اوز جو ڪردار گهٽيءَ حد تائين ڪمزور ٿي ويندو. ان ڪانسواءِ هن قانون ۾ گهٽي ڀاڱي صنعتي ۽ شهري گدلاڻ بابت قانون جوڙيا ويا آهن جڏهن تہ ڳوٺاڻن علائقن ۾ ماحوليات جي مسئلن جهڙوڪ؛ جهنگ/ٻيلا وڍڻ، زمين جي ڪاڏ روڪڻ وغيره لاءِ بہ قانون سازيءَ جي ضروري آهي.

هن قانون جا اين جي اوز تي سٺا ۽ خراب اثر پئجي سگهن ٿا. خراب اثر هيئن تہ، جيڪڏهن اين جي اوز ڪورٽن ڏانهن رخ رکيو ۽ ڪورٽون ۽ مقامي انتظاميہ ان ڳالهہ جو ڪوبہ چٽو موقف اختيار نہ ڪري سگهيا تہ انديشو آهي تہ اين جي اوز ۾ مايوسي پکڙجي وڃي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اثر رسوخ وارا فرد ۽ گروهہ انتقامي ڪارروايون ڪرڻ شروع ڪن. جڏهن تہ ان جي سٺي ڳالهہ هيءَ آهي تہ، اين جي اوز گذريل سالن ۾ ماحوليات جي مسئلي تي قانون سازي لاءِ جيڪا مهم هلائي هئي اها گهٽيءَ حد تائين ڪامياب ويئي آهي. اين جي اوز جي ان ڪردار کي سرڪار بہ تسليم ڪيو آهي. ٻي سٺي ڳالهہ هيءَ آهي تہ، هاڻ گهٽي حد تائين اين جي اوز ۾ بہ، قانون جي ڄاڻ سان ان بابت ڄاڻ وڌي آهي ۽ هاڻ اهي بهتر طريقي سان قانون جو استعمال ڪري سگهن ٿا.

هن قانون کي قابل قبول بڻائڻ لاءِ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ فردن سان صلاح مشورن جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويو هو ان ۾، بهتريءَ جي گنجائش هئي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ حڪومت پاران مختلف ڪاتن جي نمائندن کي دعوت ڏني ويئي هئي، جيڪو بذات خود هڪ سٺو قدم ۽ ان ڳالهہ جي عڪاسي ڪندڙ هيو تہ حڪومت، ماحول ۽ قانون جي باري ۾ شراڪتي طريقو اختيار ڪري رهي آهي. جڏهن تہ ان عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ قانوني دستاويز کي قومي زبان يعني اڙدوءَ ۾ ترتيب ڏيڻ کپندو هو تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو اهو پڙهي ان بابت راءِ ڏئي سگهن. وڌيڪ اهو بہ تہ صوبائي سطح ڪانسواءِ ان قسم جا مذاڪرا ڊويزنن جي سطح تي بہ ڪرائڻ کپندا هئا تہ جيئن مختلف اين جي اوز ۽ سرڪاري آفيسن کي ان عمل ۾ شامل ڪيو وڃي ها، جنهن جا بہ فائدا ٿين ها؛ پهريون هي تہ، قانون کان واقفيت ۽ ٻيو تہ، وڌ ۾ وڌ ماڻهن سان صلاح مشورا. ان ڪانسواءِ انهن صوبائي اجلاسن ۾ وڪيلن جي نمائندگيءَ جي بہ کوٽ محسوس ڪئي ويئي. جڏهن تہ ڪوشش اها ڪئي وڃي ها تہ انهن کي صلاح مشوري جي ان اثرائتي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي ها.

(علي اصغر خان، سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن)

# ايڪوڊور جي صحت جي بنيادي سارسنڀال لهڻ واري سسٽم جي مطالعاتي رپورٽ

## Report on Syudy of Primary Health Care System in ECUADOR

سنڌيڪار: ڊاڪٽر رفيق سومرو چيف ميڊيڪل آفيسر شڪارپور سنڌ

ترقي يافته ۽ ترقي پذير ملڪن جو جيڪڏهن اڀياس ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته انهن جي ترقي ڪرڻ وارن خصلتن جي فرق کان علاوه ٻيا به ڪيترائي فرق آهن. مثال طور ماحول جي صاف سٿرائي ۽ هر هڪ شخص جي ذاتي صحت بابت معلومات ۽ صحت مند رهڻ جي سلسلي ۾ ڄاڻ رکڻ.

پوئتي پيل ملڪن ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون بيماريون آهن، جيڪي روڪي سگهجن ٿيون. اتي رهندڙ ماڻهن کي صحتمند رکي سگهجي ٿو. اهڙي طرح انهن علائقن ۾ بيمار، مجبور ۽ معذور ماڻهن جي تعداد کي گهٽائي سگهجي ٿو ۽ صحتمند ماڻهن جي تعداد کي وڌائي ملڪي ماحول ۽ معيشيت کي سڌاري سگهجي ٿو. هڪ اهڙي مطالعي جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ ايڪوڊور (ECUADOR) جو انتخاب ڪيو ويو ۽ اتان جي صحت پهچائڻ جي سرشتي تي هيٺيان مشاهدا ڪيا ويا.

ايڪوڊور (ECUADOR) خط استوا جي قريب هجڻ ڪري ڪافي گرم علائقو آهي. هن جي ڀرپاسي ۾ هيٺيان ملڪ اچي وڃن ٿا. وينز ويلا، ڪولمبيا، برازيل، پيرو وغيره. هن ملڪ جي ڪنارن سان پئسفڪ سمنڊ جون لهرون ٽڪرائجن ٿيون. مشهور پاناما ڪينال هن کان ڪجهه سؤ ميلن جي فاصلي تي آهي. هن ملڪ ۾ ڪجهه زميني علائقو زراعت جي قابل آهي ۽ ڪجهه پٿريلو آهي ۽ ڪجهه 5000 ميٽر کان وڏيڪ اوچائي وارا جبل آهن. هي ملڪ ريلوي ۽ روڊ جي ذريعي ٻين ملڪن سان ڳنڍيل آهي. ايڪوڊور ۾ هر طرح سان ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته صحت جي بنيادي سارسنڀال جو سلسلو اتان جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ به پهچي وڃي. ڪجهه ڪميونٽيءَ ورڪرن (Community Workers) کي تيار ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي سکيا ڏني وئي آهي. پر انهن جي مٿان صحيح طرح علائقن کي هڪ جهڙو توجهه ڏيئي ڪري هنن مسئلن کي حل ڪري سگهجي ٿو.

ايڪوڊور ۾ ڪافي موتمار بيماريون آهن، جنهن ۾ دستن ۽ الٽين واريون بيماريون، ڦڦڙن جي خرابيءَ سبب نمونيا، خشڪ کنگهه (Bronchitis) سيني جي پردن جي خرابي ۽ انهن ۾ هوا جو نيڪال (Emphysema) سهڪو (Asthma)، ويم جي دوران عورتن جو موت ۽ وٽامن جي گهٽتائي ڪري پيدا ٿيندڙ بيماريون شامل آهن. ٻارن جو تشنج، ڪاري کنگهه ۽ غذائي گهٽتائي سبب ڪيترائي موت واقع ٿين ٿا.

اهڙيون ساڳيون بيماريون ٻين گهٽ ترقي يافته ملڪن ۾ به آهن ۽ اڪثر ڪري انهن ملڪن ۾ عورتون ۽ ٻار بيماريءَ جو شڪار ٿين ٿا. ڀرازيءَ ۾ شهرن کان وڌيڪ صحت جا مسئلا آهن. 1981ع ۾ ملڪ جو 50% عوام (8644000 ڪل آبادي) هنن علائقن ۾ رهندڙ هيو. انهن مان 11.8% ڳوٺاڻن ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي ملي ٿي سگهيو جڏهن ته شهري آباديءَ جا 83.7% ماڻهو پنهنجي لاءِ صحيح پاڻي حاصل ڪري ٿي سگهيا. انهن علائقن ۾ صحت جي نگرانيءَ جي گهٽتائي آهي ۽ انهن وٽ دوائن ۽ ننڍن اوزارن جي کوٽ به آهي. ڪافي دشوارين کان سواءِ ڳوٺاڻن ماڻهن جي شهرن ڏانهن منتقلي به هن سسٽم جي ڪاميابي ۾ هڪ رڪاوٽ آهي. مگر ڳوٺاڻن علائقن ۽ شهري

**صحت ۽ صفائي ته نه هجڻ جي برابر آهي. بجليءَ جي سهوليت نه آهي ۽ اقتصادي خوشحالي نه هجڻ ڪري اتان جا ماڻهو خاص فصلن واري موسم ۾ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پورهي خاطر منتقل ٿيندا رهن ٿا.**

# مائڪرو سرجري

ڊاڪٽر عبدالرشيد لاکو
رجسٽرار پي-ايم- سي اسپتال نوابشاهه

ڪجهه عرصو اڳ سرجري جي فن ۾ هڪ جديد طرز تي واڌارو ٿيو آهي. ان جديد جراحي جي عمل لاءِ خوردبيني استعمال ڪئي ويندي آهي. جيڪا ننڍي ۽ نازڪ شڪل کي ويهن کان سؤ دفعا وڏو ڪري ڏيکاريندي آهي. ان طريقي جي مدد سان سرجن انتهائي منجهيل ۽ ڏکيا آپريشن ڪري رهيا آهن. اگر جي ڪجهي ويل اڌ کي وري اگر سان جوڙيو ويندو آهي، حادثي ۾ جيڪڏهن ڪو عضوو ڪپجي جدا ٿي پوي ته، ان کي ٻيهر پنهنجي جاءِ تي لڳايو ويندو آهي. هن طريقي جي جراحيءَ کي ”خوردبيني وڍٽڪ (Micro- Surgery) جو نالو ڏنو ويو آهي.

مائڪروسرجريجي شروعات ۾ سرجن جو هڪ گروپ سڄي دنيا ۾ اڳتي هو ۽ هن طريقي جي سرجري جو پايو وجهندڙ هو. جيتوڻيڪ هن قسم جي سرجري سڄي دنيا ۾ ڪئي پئي وڃي، پر ان گروپ سڀ کان ڀرپائين اهڙي ڪاميابيءَ جو رڪارڊ قائم ڪيو آهي، جيڪو تقريباً ٽيهه (٣٠) سال اڳ ڪنهن جي خواب ۽ خيال ۾ به ڪونه هو.

خوردبيني جراحي نئين ۽ پراڻي قسم جي هنرن جو حسين ميلاپ آهي، جنهن ۾ فنڪارانه صلاحيتن ۽ جراحي جي چاقوءَ کان ڪم ورتو ويندو آهي. آپريشن جي ميز تي خوردبينيءَ مان اهڙي طرح ڪم ورتو ويندو آهي، جو خوردبيني جي اک جي سطح کان بلڪل مختلف سطح تي جراحيءَ جو عمل ڪيو ويندو آهي. سرجن جي اک، خوردبيني ۾ دوربيني وانگر سامهون ڏسندي آهي، پر آپريشن بلڪل ٻي سطح تي ڪيو ويندو آهي. هن قسم جي جراحيءَ لاءِ صبر آزما مشق جي ضرورت هوندي آهي. اکين ۽ هٿن جي ڪم ۾ مفاصلي ۽ سطح جو جيڪو فرق هوندو آهي ۽ احساس جي جهڙي طرح تربيت ڪرڻي هوندي آهي، اهو هڪ اڙانگو ۽ محنت طلب مرحلو آهي.

> **خوردبيني سرجري جو پايو وجهندڙ سڊني (آسٽريليا) جو ڊاڪٽر ارل اوون (Earl Owen) آهي، جنهن آپريشن دوران خوردبيني کي ڪثرت سان استعمال ۾ آندو آهي**

خوردبيني سرجريجو پايو وجهندڙ سڊني (آسٽريليا) جو ڊاڪٽر ارل اوون (Earl Owen) آهي، جنهن آپريشن دوران خوردبيني کي ڪثرت سان استعمال ۾ آندو آهي. هن جو چوڻ آهي ته هو خوردبيني سرجريءَ جي پيچيدگين ۽ نوعيت کان بلڪل مانوس ٿي چڪو آهي. ان جي باوجود به جڏهن به آپريشن جو موقعو ايندو آهي يا آپريشن کان ڀرپائين وقت ملندو آهي ته پنهنجي تجربيگاهه ۾ ويهي هڪ ڪلاڪ تائين ڪوئي جي ٻڪيءَ جي سنهڙين شريانين تي خوردبيني جي ذريعي مشق کي تازو ڪندو آهيان، ته جيئن وقت تي هٿ آسانيءَ سان هلي سگهي، پوري توجهه ڏيڻ جي صلاحيت جي باوجود جڏهن هن کي هڪ ٻار جي ڪپيل ٻانهن کي ڳنڍڻ لاءِ خوردبيني جراحيءَ ذريعي مسلسل نو (٩) ڪلاڪن تائين ڪم ڪرڻو پيو ۽ آخرڪار تمام گهڻو ٿڪجي چور ٿي پيو. ارڙهن مهينن جو هڪ ٻار پنهنجي پيءُ جي ٽرڪ جي ونڊ اسڪرين (هوا کان بچڻ جو شيشو جيڪو موٽر ڪار جي اڳيان لڳل هوندو آهي.) مان نڪري پري وڃي ڪريو. اما ٽرڪ هڪ ٽڪريءَ سان ٽڪرائجي ويئي هئي. ٻار ٽرڪ کان ٦٣ ميٽر پري مليو. هن جي ٻانهن ڏونڊ جي سنڌ کان ڪپجي چڪي هئي ۽ ڪوپڙي جو هڏو به ڀڄي پيو هئس. هو اسپتال ۾ داخل ڪرڻ وقت بي هوش هو. ٻانهن کي ٻيهر ڳنڍڻ لاءِ هي ڪو اميد افزا ڪيس ڪونه هو. سرجري جي ٽيم شام جو ستين بجي کان آپريشن شروع ڪيو ۽ صبح جو چئين وڳي وڃي

ختم ٿيو. يعني آپريشن مڪمل ٿيڻ ۾ نوَ (9) ڪلاڪ لڳا. ٻانهن جي ٻنهي شريانين (Radial and Ulnar-artery) جا پرزا پرزا ٿي چڪا هئا. سرجن اوون ڀرين شريان کي وري ڳنڍڻ لاءِ پورو هڪ ڪلاڪ لڳايو، پر جوڙڻ کان پوءِ به هو رت جي وهڪري کان مطمئن ڪونه ٿيو. انهيءَ ڪري ٽاڪن کي ڪتري وري لڳائڻ شروع ڪيو، پر وري به پوري هڪ ڪلاڪ تائين ٽاڪن لڳائڻ کانپوءِ به هن ڏٺو ته رت جي رواني (دؤرو) اڃا تائين تسلي بخش نه هئي. هن ٻه دفعا ٽاڪا ڪٽڻ کان پوءِ ٽيون دفعو سبڻ شروع ڪيا، هر دفعي ٽاڪا اُکيلڻ کان پوءِ شريان جي هڪ ننڍڙي ٽڪري کي ڪٽڻو پئي پيو. ان ڪري ٻانهن جي ٻنهي هڏين (Radius & Ulna) کي شريان جي ماپ مطابق ڪرڻ لاءِ ڪپڻو پئي پيو. خوردبيني سرجن ۽ ٻارن جي ڪريل عضون کي صحيح ڪرڻ وارو مددگار سرجن (Assistant) جيڪو اوون جي مدد ڪري رهيو هو، هڪ خاص اوزار جي مدد سان ٻنهي هڏين جي ڇيڙن کي ضرورت مطابق گهڙي رهيو هو. ٽيون ڀيرو ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ يعني ٽن ڪلاڪن کانپوءِ اوون کي اطمينان ٿيو ته هاڻي جوڙ صحيح ٿيو آهي. اهڙي طرح صبح جو چئين وڳي يعني پورن نون ڪلاڪن کانپوءِ آپريشن مڪمل ڪري ورتائين. آپريشن کان پوءِ ٻار جي ٻانهن جا زخم تيزي سان ڀرجڻ لڳا ۽ ڊاڪٽرن جي خيال مطابق ٽي ٻار جي ٻانهن بلڪل نيڪ طريقي سان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

ڊاڪٽر اوون سان گڏ هن جو نڳو ياءُ "ڊاڪٽر پال لينڊوي" (Dr: Paul lenduey) به شامل آهي. هن بالغ مريضن جي خوردبيني سرجريءَ ۾ مهارت حاصل ڪئي هئي، جڏهن ته ٻارن کي اوون لاءِ ڇڏي ڏنو هو.

لينڊوي سڊنيءَ جي "پرنس آف ويلز هاسپيٽل" جو اعزازي سرجن آهي. ان اسپتال ۾ سرجريءَ جي وارڊ کان علاوه سرجيڪل ريسرچ يونٽ جو ڊائريڪٽر پڻ آهي ۽ "پرنس هينري هاسپيٽل" ۾ خدمتون انجام ڏيندو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ "نيو سائوٿ ويلز يونيورسٽي" ۾ جراحيءَ جو استاد پڻ آهي.

ڊاڪٽر اوون عضون کي ڳنڍڻ ۽ تبديل ڪرڻ جا سوين آپريشن ڪيا آهن. جن جي ڪاميابيءَ جي شرح 50% جي لڳ ڀڳ آهي. يعني ڪٽيل ڇيڙا وري جڙي ۽ وري ڪم ڪرڻ جي قابل ٿي پون ٿا ۽ عضون جي حس واپس موٽي اچي ٿي. اهڙا جوڙ ڪو ورلي صحيح ٿيندا آهن. ڇو ته انهن کي ٽاچنين ذريعي جوڙيو ويندو آهي، جيڪي ابتدائي جراحيءَ جي عمل کان پوءِ به ڇهن هفتن تائين هڏين ۾ لڳل هونديون آهن. اوون ٻڌائي ٿو ته، "عضون کي ٻيهر جوڙڻ ۾ فوري طور تي ڪٽجي ويل حصي ۾ وري رت جو دؤرو جاري ڪرڻو پوندو آهي ۽ ان مقصد لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ شريان ۽ ٻن نسن کي ڳنڍڻو پوندو آهي. هڪ بالغ ماڻهوءَ جي شريان جو قطر تقريباً ڏيڍ ملي ميٽر ۽ هڪ ٻار جي شريان تقريباً هڪ ملي ميٽر جي چوٿين حصي جي برابر ٿيندي آهي.

خوردبيني سرجن جي لاءِ تنت (Nerve) ٽيليفون جي تار وانگر ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪيترائي فائبرس (Fibers) ٿيندا آهن. هر فائبر تنتي سرشتي جي مواصلاتي نظام جو حصو ٿيندو آهي. هڪ وچولي سائيز جي تنت ۾ گهٽ ۾ گهٽ سترنهن فائبرس يا وار تنتون ٿينديون آهن.

خوردبينيءَ جي مدد سان اوون ۽ لينڊوي تنتن جي ٻنهي ڇيڙن کي ملائي سگهن ٿا. ڪي تنتون وار جي ٿلهائيءَ جون ڀلي ڇو نه هجي هي انهن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندا آهن. نتيجي ۾ ڪٽيل عضوي جي حس واپس موٽي ايندي آهي.

سرجن اوون ڪيترن ئي مختلف ملڪن ۾ خوردبيني سرجريءَ جا مظاهرا ڪيا آهن، جن ۾ برطانيا، سوئيڊن، هالينڊ، اٽلي ۽ جرمني وغيره شامل آهن. هي هر سال سڊنيءَ ۾ خوردبيني سرجري جو مرڪز قائم ڪندو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ مختلف ملڪن جا ماهر سرجن اچن ٿا. ڪيترن ئي ملڪن جا مشهور سرجن، اوون جي انهيءَ عارضي رهائش گاهه کي ڏسڻ ايندا آهن، جيڪا "پرنس آف ويلز هاسپيٽل" ۾ پٿرن جي ٺهيل هڪ پراڻي عمارت ۾ آهي. سرجنن لاءِ هيءَ نهايت ڪشش واري جڳهه آهي. ان عمارت جي ڀتين تي جيڪي تصويرون لڳل آهن، اهي انهن ٻارن جي انهن آپريشنن جون آهن، جنهن جو تصور به نه ڪري سگهبو هو.

اوون جيتوٽيڪ ڀريون شخص آهي، جنهن آڱر ۽ ٻين عضون کي وري ڳنڍڻ جي ڪامياب جراحي ڪئي آهي، پر هاڻي هو ان ڪم کان ڪنڌ ڪڍائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو هرگز ڪونهي ته هو هاڻي بيزار ٿي پيو آهي، پر ان جو سبب اهو آهي ته هي ڪم انهيءَ ڪم کان جدا آهي، جنهن کي هو ترقي وٺرائڻ چاهي ٿو. هو خوردبيني سرجري ۾ ڪمال پيدا ڪرڻ گهري ٿو. هن جو خاص مقصد شروع کان وٺي اهو رهيو آهي ته ٻارن جي سرجريءَ کي ترقي ڏني وڃي ۽ خاص طور تي نون چاول ٻارن جي پيدائشي نقصن (Congenital de-formities) کي درست ڪيو وڃي. نون ٻارن جي سرجري، بالغ ماڻهوءَ جي ڪنهن به نازڪ آپريشن جي ڀيٽ ۾ ڪيترا ڀيرا ڏکي ۽ نازڪ آهي.

ترڪيبون معلوم ڪري ورتيون. واضح رهي تہ سهن جي ٻڪين جو شريانيون ٽولهہ ۾ ننڍين ٻاول ٻار جي ٻڪي جي شريانين جي برابر ٿينديون آهن. ان وقت تبديل عضون جو پيوند (Transplant) ٻارن ۾ شروعاتي مرحلن ۾ هو. اوون جو چوڻ هو تہ، "اهي دوائون (Immuno-Supress ants) جيڪي لڳايل عضوي کي قبول نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ڏنيون وينديون آهن، اهي ايتريون مؤثر ثابت ٿي نہ سگهيون آهن، جيتري قدر انهن مان اميد پئي ڪئي ويئي.

اوون "گريٽ اينڊ مڊ اسٽريٽ هاسپيشل" ۾ چار سال گذاريا ۽ 1967ع ۾ واپس اچي "رائل اليگزينڊر هاسپيٽل" ۾ عضون جي تبديليءَ (Organ Transplan-tation) متعلق کوجنا جاري رکي. هو باندر جو هٿ ڪپي ٻئي باندر ۾ لڳائي ڇڏيندو هو. هن جو خيال هو تہ، "عضون کي تبديل ڪرڻ جي طريقي سان (Thaladomide) (ٿيليڊو مائيڊ هڪ ننڊ ڏيارڻ واري اهڙي دوا آهي، جنهن جي حمل جي پهرين دؤر (First Trimes-ter) جي دوران واپرائڻ سان ٻاول ٻار ۾ خطرناڪ پئدائشي نقص، جنهن ۾ ٻانهن ۽ ٽنگن جو نہ ٿيڻ يا نامڪمل هئڻ آهي، ٿين ٿا، جنهن کي طبي اصطلاح ۾ ڊسميليا (Dysmelia) چئجي ٿو.) جي متاثر ٿيل ٻارن جي مدد ڪري سگهجي ٿي. هن کي اهڙن ٻارن جو بہ فڪر هو جن جا عضوا ڪنهن وڏي حادثي يا آپريشن جي نتيجي ۾ ضايع ٿي وڃن ٿا.

اوون ۽ لينڊوي منجهيل آپريشن ۾ هڪٻئي جي مدد لاءِ ايندا هئا. جڏهن بہ پال لينڊوي کي اهڙي بالغ ماڻهو جو آپريشن ڪرڻو هوندو هو جيڪو ڪٽجي جدا ٿي ويل عضوي سان گڏ "پرنس آف ويلز هاسپيٽل" ۾ آندو ويندو هو تہ هو مدد لاءِ اوون کي گهرائي وٺندو هو ۽ ساڳي طرح اوون بہ ٻار جي سرجري لاءِ لينڊوي کي سڏي وٺندو هو. اهڙو هڪ مثال آهي تہ اوون کي ٽن سالن جي عمر جي هڪ ڳوٺاڻي ٻار جو آپريشن ڪرڻو هو، جنهن پنهنجي آڱر، ڀيءُ جي کهاڙيءَ سان ڪپي وڌي هئي. آڱر جو ٽڪرو ڪٽجي آڱر کان جدا ٿي پيو هو. ان موقعي تي اوون، ڊاڪٽر پال لينڊوي کي گهرايو هو.

مائڪرو سرجري هن وقت سجي دنيا ۾ ڪئي پئي وڃي. مائڪرو سرجري، جراحيءَ جي دنيا ۾ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي ذريعي معذور ۽ پئدائشي نامڪمل ٻارن توڙي بالغن جي عضون ۽ حادثي ۾ ضايع ٿيل عضون کي وري درست ڪري مريضن کي نئين زندگيءَ سان همڪنار ڪري سگهجي ٿو، جنهن جو پهريائين تصور بہ نہ ڪري سگهبو هو.

مائڪرو سرجري هن وقت سجي دنيا ۾ ڪئي پئي وڃي. مائڪرو سرجري، جراحيءَ جي دنيا ۾ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي ذريعي معذور ۽ پئدائشي نامڪمل ٻارن توڙي بالغن جي عضون ۽ حادثي ۾ ضايع ٿيل عضون کي وري درست ڪري مريضن کي نئين زندگيءَ سان همڪنار ڪري سگهجي ٿو، جنهن جو پهريائين تصور بہ نہ ڪري سگهبو هو.

پاڪستان بہ انهن خوشنصيب ملڪن جي صف ۾ شامل آهي، جيڪي هن انقلابي ايجاد مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. انسان جي زندگي تمام گهڻي مختصر ۽ توقع کان گهڻي گهٽ آهي. ان جي باوجود بہ "حضرت انسان" کان جيڪي ڪجهہ ٻڌي سگهيو آهي، هن پنهنجي سوچ فڪر ۽ محنت سان پاڻ ملهايو آهي. ڊاڪٽر ارل اوون ۽ ڊاڪٽر پال لينڊوي دنيا جي انهن انسانن مان آهن جن پنهنجي زندگيءَ جون خوشيون ۽ توانائيون معذور ۽ مجبور انسانن جي خوشيءَ لاءِ ارپي ڇڏيون، جيڪي قدرتي طور ٻين صحتمند ماڻهن وانگر پيدا ٿي نہ سگهيا هئا يا ڪنهن حادثي جي نذر ٿي ويا هئا. انهيءَ ۾ هنن جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ هو، بس الله سائينءَ جي مرضي هئي. اوون ۽ لينڊوي اهڙن ماڻهن جي دل جي سور ۽ ذهني پيڙا کي محسوس ڪندا هئا. انسان سماجي جانور آهي. هن جي وجود جو ڪارڻ ۽ مقصد اهوئي اهي تہ "انسان ئي ٻئي انسان جي ڪم اچي." خدا تعاليٰ اسان کي ٻين ضرورتمند انسانن جي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي اهوئي زندگيءَ جو فلسفو آهي. اهو ڪم جيڪو بہ انسان جيترو بہ وڌيڪ ڪندو اهو الله تعاليٰ کي اوترو ئي ويجهو ۽ پيارو هوندو، پوءِ چاهي هو ڪنهن بہ مذهب، فرقي يا قوم سان واسطو رکندڙ چونہ هجي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪائنات جو وڏي ۾ وڏو مذهب "انسانيت" آهي. دنيا جا سيئي مذهب انهيءَ مان نڪتل آهن. سيئي مذهب اهوئي درس ڏين ٿا تہ ڪنهن سان زيادتي نہ ڪيو، ڪنهن جو حق نہ کائو، هڪ ٻئي جي ڪم اچو. اوون ۽ لينڊوي انهيءَ سبق جي پيروي ڪندي، خدا جي انهن عزيز ترين انسانن جي لسٽ ۾ نالو لکرائي ورتو آهي. جن پنهنجي زندگي ٻين لاءِ ارپي ڇڏي.

هو باندر جو هٿ ڪپي ٻئي باندر ۾ لڳائي ڇڏيندو هو.

# الٽراسائونڊ

مست اڪرم

سنڌيڪار: ڊاڪٽر ايم اي حني ميمڻ

جديد ميڊيڪل سائنس ۾ الٽراسائونڊ Ultra Sound هڪ نهايت ئي مفيد ۽ ڪارائتي ايجاد آهي. پر اسان وٽ تعليم گهٽ هئڻ ڪري ماڻهو ڏاڍي شڪ ۾ آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ مونکي پنهنجي هڪ دوست جي الٽرا سائونڊ ڪلينڪ تي وڃڻ ٿيو. اندر هوءَ ڪجهه مصروف هئي ان ڪري مونکي ٻاهر انتظار گاهه ۾ ويهڻو پيو جتي اڳ ۾ ئي ڪجهه عورتون ويٺيون هيون. انهن سان هيئين ڳالهه ٻولهه ٿي.

هڪ عورت چيو ته ”هي سڀ ڪجهه پئسن ڪمائڻ جو ڍونگ آهي. نئين نئين نموني جون مشينون گهرائي مريضن کي بيوقوف بڻايو وڃي ٿو. جڏهن ته پهريائين صرف X-Ray ئي گهڻو سمجهيو ويندو هيو وري خبر ناهي ته هن مان ڪي نقصان به هوندا“. ٻي عورت پنهنجي مٽي کي لوڏيندي چيو ”سچ چوين ٿي اڄڪلهه ته هر پيٽ واري ماءُ کي ڊاڪٽر ان ٽيسٽ لاءِ چون ٿا. مان ته ٻڌو آهي ته ان مان ٻار تي اثر پوي ٿو“. مون انهن کي تسلي ڏيندي چيو ”اهڙي ڳالهه نه آهي، اهو توهانجو وهم آهي. اها ته هڪ سٺي ڳالهه آهي. خاص ڪري اسان عورتن لاءِ“. پر مونکي ائين محسوس ٿيو ته چڻ انهن کي اطمينان ڪونه ٿيو.

مان پنهنجي دوست سان اها ڳالهه ڪئي ۽ ان کي اهو به چيو ته ”تون مونکي الٽراسائونڊ جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌاء ته مان ان کي اخبار لاءِ لکان

**هن وقت تائين هن ايجاد جو ڪو خاص نقصان سامهون نه آيو آهي. ان ڪري هيءَ ٽيسٽ ڊاڪٽر جي چوڻ تي بغير ڪنهن جهجهڪ جي ڪرائي سگهجي ٿي.**

جو ته ڪجهه اڻ پڙهيل ئي نه پر پڙهيل لکيل عورتون به الٽرا سائونڊ جي باري ۾ شڪ ۾ آهن“ منهنجي دوست ڊاڪٽر فرح چيو ته تون ”صحيح ٿي چوين“ اسان وٽ تعليم نه هئڻ ڪري اهڙي سوچ پيدا ٿئي ٿي ”مون ڪان به مريض الٽرا سائونڊ جي فائدن ۽ نقصانن بابت پڇا ڪندا آهن.

**الٽراسائونڊ جون هيٺيون خاصيتون آهن:**

(1) الٽرا سائونڊ هڪ نهايت ئي فائدي واري مشين آهي، جنهن سان نه فقط مرض جي ڳولهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي، پر هر ڊاڪٽر جو ٽائيم به بچي ٿو ۽ ڊاڪٽر هڪدم علاج شروع ڪري ٿو.

(2) الٽرا سائونڊ لاءِ مريض کي ڪنهن به قسم جي تياري نه ڪرڻي پوندي آهي، جيئن ڪنهن خاص ايڪسري لاءِ هڪ خاص شئي کائڻي پوندي آهي يا ڪنهن پيشاب جي رپورٽ لاءِ هڪ خاص وقت جو پيشاب آڻڻو پوندو آهي.

(3) هيءَ ٽيسٽ مريض جي پوري مرض کي چڱيءَ طرح سامهون آڻي ٿي ته ڪٿي ڪهڙو حصو مرض ۾ ورتل آهي ته جيئن ان جو ترت علاج ڪرائجي.

(4) هن ٽيسٽ مان اها به خبر پوي ٿي ته ڪنهن عورت کي حمل (پيٽ) ڪڏهن ٿيو آهي.

(5) ماءُ جي پيٽ ۾ موجود ٻار جي دل جي رفتار معلوم ڪري سگهجي ٿي.

(6) هن ٽيسٽ سان پيٽ ۾ موجود ٻار جي جنس جي خبر پوي ٿي.

(7) هن سان اها خبر پوي ٿي ته ٻار هڪ آهي يا جاڙا.

(8) هن ٽيسٽ مان اها خبر پڻ پوي ٿي ته ماءُ جي پيٽ ۾ موجود ٻار کي بيماري يا نقص وغيره ته نه آهي.

(9) هن ٽيسٽ مان اها خبر پڻ پوي ٿي ته ٻار عمر جي لحاظ کان ننڍو يا وڏو ته نه آهي.

(10) اها خبر پڻ پوي ٿي ته ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار ڪيئن رکيل آهي ته جيئن ويم ڪرائڻ وقت دائي يا ڊاڪٽر کي ڪا پريشاني نه ٿئي

(11) هن وقت تائين هن ايجاد جو ڪو خاص نقصان سامهون نه آيو آهي. ان ڪري هيءَ ٽيسٽ ڊاڪٽر جي چوڻ تي بغير ڪنهن جهجهڪ جي ڪرائي سگهجي ٿي.

# سنڌي پيرياڊيڪلس سوسائٽي

مقرر وقفي سان نڪرندڙ سنڌي رسالن ۽ اخبارن، جن ۾ سالياني، ڇهه ماهي، ٽه ماهي، ماهوار ۽ هفتيوار اشاعتي ادارا اچي وڃن ٿا، تن پنهنجي هڪ گڏجاڻي ۾ ”سنڌي پيرياڊيڪلس سوسائٽي کي نئين سِر سَرگرمِ عمل ڪرڻ جو وچن ڪيو آهي. سنڌي زبان ۾ نڪرندڙ اهڙن سڀني ادارن کي جيڪي مٿي ذڪر ڪيل آهن، سڏ ڏنو ويو آهي ته اهي ان ڏس ۾ اداري جي رابطه آفيس سان لهه وچڙ ۾ اچن.

ميمبر شپ جي خواهش رکندڙ ادارا خط ذريعي پنهنجو پتو موڪلي ميمبر شپ فارم گهرائي سگهن ٿا.

**رابطي لاءِ:**

## آرگنائيزر
## سنڌي پيرياڊيڪلس سوسائٽي

روم نمبر 53، بلاڪ A، پهرين ماڙ معين اسٽيل مارڪيٽ (سامهون اگرٽي قسمت سئنيما) باباءِ اردو روڊ ڪراچي

# آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (بي ۽ آر)
# بلديہ اينڊ شيرشاھ ڊويزن (اولھہ) ڪراچي

نمبر EE/B&R/BSS/02/1996 تاريخ 14-10-96

## سبجيڪٽ- ٽينڊر نوٽيس

ڊي. ايم. سي (اولھہ) وٽان مجيل ٺيڪيدارن، جن پنهنجين فرمن جي سال 97-1996 واسطي تجديد ڪرائي آهي، ڪان هيٺين ڪمن لاءِ مهربند لفافن ۾ ٽينڊرس گهرائجن ٿا.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | سوٽي رقم | ٽينڊر جو ملھہ |
|---|---|---|---|---|
| 1 | ڪي. پي 190 ۾ سي. سي گھٽين/روڊن جو سڌارو | 3,02,652/= | 15,133/= | 500/= |
| 2 | يونٽ نمبر 187 ۾ سي. سي گھٽين جو سڌارو | 3,00,362/= | 15,018/= | 500/= |
| 3 | لوکين پل ۽ فٽ پاٿ جي پل کان ڊي ايم سي (اولھہ) آفيس تائين رنگ سازي | 73,835/= | 3,692/= | 200/= |
| 4 | ڪي. پي- 40 ۾ روڊن ۽ کڏن کوپن جي مرمت ۽ سڌارو | 3,13,802/= | 15,690/= | 500/= |

ٽينڊر ڊاڪيومنٽس، سپرنٽنڊنٽ انجنيئر ڊي ايم سي اولھہ جي آفيس ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (بي ۽ آر) بلديہ ۽ شيرشاھ ڊويزن ڊي ايم سي (اولھہ) نزد ميوا شاھ پلانٽ وٽان نيشنل بئنڪ آف پاڪستان سائيٽ برانچ مان ٺهيل بي آرڊر (ٽينڊر جي ملھہ طور) ۽ ڪنهن بہ شيڊولڊ بئنڪ مان 5 سيڪڙو سوٽي رقم جو پي آرڊر پيش ڪرڻ تي صبح جو 9 وڳي کان منجهند جو 1 وڳي تائين، ٽينڊرن کلڻ واري ڏينهن کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ٽينڊر، ٽينڊر کولڻ واري ڪاميٽي ڊي ايم سي (اولھہ) پاران ورڪشاپ ميوا شاھ پلان وٽ تاريخ 5-11-96 تي صبح جو 30-11 وڳي اهڙن ٺيڪيدارن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا. جيڪي اتي موجود هئڻ جي خواهش رکندا.

موڪل واري ڏينهن هئڻ جي حالت ۾ ساڳئي اينڊڙ ڏينهن تي، ساڳئي جڳھہ تي کوليا ويندا.

ائڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي (اولھہ) ڪنهن بہ هڪ يا مڙني ٽينڊرن کي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو بنا ڪنهن سبب ٻڌڻ جي حق محفوظ رکي ٿو.

**ايگزيڪيوٽو انجنيئر**
**(بي ۽ آر) بلديہ ۽ ايس ايس ڊويزن**
**ڊي ايم سي (اولھہ)**

انفرميشن/ڪراچي- 2924/96

# ويج ڊسڪائونٽ ڪوپن

ماهوار ويج پنهنجي پڙهندڙن لاءِ خاص تحفو "ويج ڊسڪائونٽ ڪوپن" متعارف ڪرايو آهي- پڙهندڙ هن صفحن تي ڇاپيل خاص دڪاندارن جا ڪوپن ڪينچي سان ڪٽي ڪوپن ۾ لکيل تاريخ واري معياد اندر انهن وٽان مقرر ڪيل رعايت حاصل ڪري سگهن ٿا.


لاڙڪاڻي جي مرڪزي علائقي ۾
هر قسم جي بيڪري ۽ جنرل اسٽور وارين شين جو مرڪز

**ثناء بيڪرز (ايئرڪنڊيشنڊ)**

پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو

ويج جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 ڊسمبر 1996 تائين هر گراهڪ کي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.
نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.
هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو

هر قسم جي سلوار قميص، پينٽ شرٽ ۽ ويسڪيٽ جي سلائي جو اعليٰ مرڪز

**ريئلائنس ٽيلرز**

شاپ نمبر 11-16 پرگڙي پلازا سامهون جنرل پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو پروپرائيٽر: احمد علي حيدري
ويج جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 ڊسمبر 1996 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي سلائي تي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.
نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.
هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو

خون، پيشاب، بلغم، پائخاني وغيره جي هر قسم جي معياري ٽيسٽ جو مرڪز

**نيشنل پيٿالاجيڪل ليبارٽري**

نزد الحبيب هوٽل بئريج روڊ سکر

ويج جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 ڊسمبر 1996 تائين هر قسم جي ٽيسٽ ڪرائڻ تي ڏهه سيڪڙو (10%) رعايت حاصل ڪريو.
نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.
هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو


## هر قسم جي ڌنڌي وارا دوست توجهه ڏين

هر قسم جي دڪاندارن، هوٽل، ميڊيڪل اسٽور، پيٿالاجي ليبارٽري ۽ ٻين ڌنڌي وارن لاءِ ويج ڊسڪائونٽ ڪوپن اسڪيم ۾ مفت شموليت. اوهان هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪري پنهنجو ڪاروبار وڌائي سگهو ٿا.

لکپڙهه لاءِ:

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويج، جي. پي. او باڪس نمبر 568 ڪراچي.**

# يونيسيف ڪارڊ

يونيسيف پاران عورتن ۽ ٻارن جي فلاح ۽ بهبود وارن پروگرامن مثلاً بنيادي تعليم، صحت، پاڻي پهچائڻ ۽ گندي پاڻي جي نيڪال واري طريقي ڪار کي اثرائتي بنائڻ لاءِ سويارن ڪارڊن (جيڪي مختلف ڊزائينن تي مشتمل آهن) جي هڪ تعارفي تقريب فيڊريشن چيمبر آف ڪامرس جي دفتر ۾ ٿي گذري.




انهن ڪارڊن جي وڪري مان حاصل ٿيندڙ رقم عورتن ۽ ٻارن جي فلاح ۽ بهبود جي مختلف پروگرامن تي خرچ ڪئي ويندي. ان ڪانسواءِ يونيسيف پاران 98-1996ع دوران هن مقصد لاءِ ساليانه 23 ملين ڊالر جي رقم به مخصوص ڪئي وئي آهي.

اها هڪ وڏي ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته پاڪستان ۾ هر سال تقريباً 2000 ٻار پنجن سالن جي ڄمار کي پهچندي پهچندي اجل جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ اهڙي ريت پوري دنيا ۾ ست لک ٻار ان عمر جي حد تائين پهچندي پهچندي موت جي منهن ۾ هليا ويندا آهن. اهڙن ئي ٻارن کي موت جي منهن کان بچائي سگهجي ٿو، جو ته جيئڻ سندن حق آهي.

پاڪستان ٻارن جي حقن بابت ٿيڻ واري ڪنوينشن مطابق هڪ معاهدي جو پابند آهي، جنهن جو مقصد هر ٻار کي برابري جي بنيادن تي معاشي ۽ سماجي حق مهيا ڪرڻ آهي. عالمي قانون مطابق ٻار جي هر ضرورت سندس حق آهي ۽ سندن حقن کي سياسي ۽ شهري حقن کان الڳ نٿو ڪري سگهجي.

يونيسيف عورتن ۽ ٻارن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪيل پروگرامن مان خاطر خواه مقصد حاصل ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي ته پوليو کي روڪڻ لاءِ جيڪا تحريڪ شروع ڪئي وئي هئي، ان مان سڄي ملڪ اندر 90 سيڪڙي کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو خلاف تحفظ مليو. پاڪستان ۾ ٻارن جي بهبود لاءِ هڪ الڳ ڪميشن قائم ڪئي وئي ۽ وفاقي ڪابينه عورتن جي خلاف ٿيندڙ سيني اختلافي مسئلن کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪنوينشن جي منظوري ڏني. ان ڪانسواءِ 1993ع تائين پاڪستان ۾ واري واري مرض (Guinea-Worm) جو ڪوبه ڪيس نه مليو آهي.

پاڪستان ۾ ڪير پياڪ عمر دوران موت جو شڪار ٿيڻ وارن ٻارن جي موت جو شرح 1000 مان 137 آهي ۽ اهڙي طرح اميد وارين مائرن جي موت جي شرح هڪ لک تي 300 جي لڳ ڀڳ آهي. خواندگي جي شرح 37 سيڪڙو آهي، 65 سيڪڙي آبادي کي پيئڻ جو صاف پاڻي ڪونه ٿو ملي، جڏهن ته سرڪار پاران علاج معالجي جي سهولت، آبادي جي 20 سيڪڙي کي حاصل آهي. هتي جي آبادي جو وڏو ڀاڱو آيوڊين جي گهٽتائي جو شڪار آهي ۽ هڪ اندازي مطابق ملڪ جي 50 سيڪڙي آبادي کي آيوڊين جي گهٽتائي جي خطري کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسانکي جيڪي ڪجهه ٻارن ۽ عورتن جي فلاح ۽ بهبودي لاءِ ڪرڻو آهي، ان لاءِ واادارا ذريعا حاصل ڪرڻا آهن.

گذريل سالن جي پيٽ ۾ هن سال به انهن ڪارڊن جي وڪري مان سٺن نتيجن سامهون اچڻ جي اميد آهي انهن ڪارڊن ذريعي پاڪستان جي هر طبقي ۽ هر فڪر رکندڙ شخص کي انفرادي طرح سان عورت ۽ ٻارن جي فلاح ۽ بهبودي لاءِ پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

يونيسيف ان مقصد لاءِ هڪ Lead Agency جو ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن جي وڏي پذيرائي ٿي آهي. هي ته معمولي قيمت جا ڪارڊ آهن ليڪن ان جي ذريعي توهانجا احساس ۽ جذبا آساني سان ٻين تائين پهچي سگهن ٿا. اهي ڪارڊ هڪ ته عالمي معيار جا آهن ۽ ٻيو ته انهن جي ڊزائين به پوري دنيا جي ڄاتل سڃاتل آرٽسٽن، يونيسيف لاءِ رضاڪارانه طور ناهي آهي ۽ انهن ڊزائينن کي پڻ عالمي آرٽسٽن جي هڪ پئنل آخري شڪل ڏني آهي. انهن ۾ پاڪستان جي هڪ معصوف شخصيت ڊاڪٽر شوڪت محمود به شامل آهي، پاڻ لاهور انجنيئرنگ يونيورسٽي جي Architecture Department جا چيئرمين آهن ۽ اخباري حوالي سان ماڻهو انهن کي Maxims جي نالي سان سڃاڻيندا آهن. انهن ڪارڊن جون ڊزائينون مقامي تهذيب ۽ ثقافت جون آئينه دار به آهن.


گرمیوں میں تازگی کے رنگ
پونڈز وینیشنگ کریم کے سنگ
سخت گرمیاں آپکی جلد پر اثر ڈالتی ہیں اور اسے بے رونق بنا دیتی ہیں۔ ایسے میں پونڈز وینیشنگ کریم کا استعمال اسے دوبارہ حُسن و تازگی دیتا ہے۔
پونڈز وینیشنگ کریم جلد میں اچھی طرح جذب ہو کر اسے بھرپور موئسچرائزر فراہم کرتی ہے اور پھر اپنے مخصوص آئل فری بیس فارمولے کی وجہ سے جلد پر چکناہٹ بھی نہیں چھوڑتی۔
اب کے گرمیوں میں آپ بھی اپنی جِلد کو پونڈز وینیشنگ کریم سے تازگی اور نکھار دیجیے۔
POND'S
وینیشِنگ کریم
جِلد کی خوبصورتی کا قدرتی انداز
Oil Free Moisturiser
POND'S
Vanishing Cream
POND'S
Lorhan's
Vaseline
معیاری مصنوعہ
Intlab
انٹرنیشنل لیبارٹریز (پرائیویٹ) لمیٹڈ، کراچی
POND'S